# روحل فقير جي شاعريءَ جو فڪر: هڪ اڀياس
## *Philosophical Review of the Poetry of Rohal Faqeer*

**فضل الله انڊڙ**

***Abstact:***
*This study presents philosophical review of the poetry of Rohal Faqeer, a contemporary of Shah Abdul Latif Bhitai and a famous Sufi poet of Kalhorra period in Sind. His philosophy of mysticism and wahd-tul-wujood (Unity of Being) as depicted in his poems and Kafees has been brought to light in this study. Human fraternity (brotherhood) seems to be the specific theme of his poetry. He describes the concept of divine love, esoteric and exoteric modes of knowledge, divine unity, knowledge of self, mortality of the world and altruism in his poems. He teaches the lesson of love and affection. The general massage of his poetry is unity. He advises the Muslims and the Hindus to co-exist peacefully keeping religious hatred at arm's length.*

## 1. سنڌ ۾ تصوف ۽ وحدت الوجود واري فڪر جي اوسر:

سنڌ ۾ شاعري جي فڪر جي تاريخ جو مطالعو ڪندي معلوم ٿئي ٿو ته سنڌي شاعري جي فڪر جو لاڳاپو قديم هندستان جي ادب ، عربي ادب ۽ فارسي ادب واري فڪرن سان رهيو آهي . سنڌ باب الاسلام آهي ۽ برصغير هند ۾ سڀ کان اول اسلام سنڌ ۾ آيو . عربن جي فتح 711_12ع کان به اڳ سنڌ ۾ اسلام جي اچڻ جون تاريخي شاهديون مليون آهن . پر باقائدي اسلام جي اشاعت عربن جي قبضي بعد شروع ٿي . تاريخي حوالن مان پتو پوي ٿو ته " اسلام جي اچڻ کان پوءِ سنڌي واپارين اسلام قبول ڪيو ۽ انڊونيشيا جي ٻيٽن ۾ وڃي اسلام جي تبليغ ڪئي . موجوده تحقيق مان ثابت ٿيو آهي ته انڊونيشيا ۾ اسلام سنڌي سوداگرن پکيڙيو . سال 1963ع ۾ انڊونيشيا حڪومت جي دعوت تي علامه نور احمد قادري تاريخي تحقيق جي سلسلي ۾ انڊونيشيا ويو هو ۽ اتي جي مختلف ماڳن ۽ مڪانن جا آثار ۽ اهڃاڻ ڏنا هئائين . سندس تحقيقاتي رپورٽ روزنامه انجام جي 5 مارچ 1965ع جي پرچي ۾ شايع ٿي هئي . هو چوي ٿو : منهنجي موجوده تاريخي تحقيق مطابق اسان جي قديم سنڌي بزرگن انڊونيشيا پهچي اسلام ڦهلايو ۽ اتي جي ماڻهن کي حق جو پيغام پهچائي ، سيني سان لڳايو . اڳتي ڄاڻايايو اٿس ته اهي سنڌي مبلغ حضرت

خواجہ حسن بصري جا معتقد هئا . ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ ٻي صدي هجري ۾ سنڌ ۾ حضرت خواجہ حسن بصري رح جي تعليم جو اثر پهچي چڪو هو . " ( ميمڻ مجيد 2002 198) سنڌ ۾ تصوف جو فڪر قديم معلوم ٿئي ٿو . "صوفيانہ مسلڪ سان وابستہ ٻي ۽ ٽين صدي هجري ۾ جن بزرگن جا نالا ملن ٿا . انهن مان حضرت بايزيد بسطامي رح جو نالو قابل ذڪر آهي هن 261هہ (875ع) ۾ وفات ڪئي . تذڪرن مان معلوم ٿئي ٿو تہ حضرت بايزيد بسطامي جي ملاقات سنڌي بزرگ ابو علي سنڌي سان ٿي هئي . ابو علي سنڌي صوفيانہ تعليم کان واقف هو . حضرت بايزيد رح چوي ٿو تہ مون کانئس فنا ۽ توحيد يعني تصوف جو علم سکيو، ۽ ابو علي مون کان الحمد ۽ قل هُوالله احد جي تفسير معلوم ڪئي . ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ ٻي کان ٽين صدي هجري تائين سنڌ ۾ تصوف جي تعليم رائج هئي . " ( ميمڻ ، مجيد 2002 199) ڪن محققن جو خيال آهي تہ ابو علي سنڌي ويدانتي فلسفي جي ادويتواد فڪر کان حضرت بايزيد بسطامي کي آگاهہ ڪيو هوندو . ويدانتي مقولا ' اهم برهم اسمي ' ۽ ' تت توم اسي ' وحدت الوجود جي فلسفي ' انا الحق ' يا ' سبحاني ما اعظم شاني' سان مشابهت رکن ٿا . حقيقت ۾ محقق ان راءِ جا بہ آهن تہ اسلامي تصوف يا وحدت الوجود واري فڪر تي هندي ويدانتي فڪر جو اثر موجود آهي . تاريخي حوالن ۾ اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ منصور حلاج رح خود هندستان آيو هو ۽ هن ويدانتي فلسفي کان واقفيت حاصل ڪئي هوندي . " هتي اسان کي تاريخي حيثيت سان ڏيکارڻو آهي تہ مسلمان صوفين جهڙوڪ بايزيد بسطامي ، ذوالنون مصري ، حسين بن منصور حلاج ۽ ٻين اشراقي صوفين ۾ 'وحدت الوجود' جو تخيل آيو ڪٿان ؟ يورپين مستشرقين جي راءِ آهي تہ هندي فلسفي ڪري ڪيترائي خيالات تصوف ۾ داخل ٿي ويا . مٿئين تخيل جو آغاز هجري ٽي صديءَ ۾ حسين بن منصور حلاج جي ڏينهن ۾ ٿيو ۽ هجري پنج صديءَ ۾ محي الين ابن عربيءَ جي زماني ۾ ڪمال کي پهتو . منصور حلاج جي ڪتاب ' الطواسين ' مان ثابت آهي تہ هو جادو، منتر ۽ ڪرتب سکڻ لاءِ هندستان آيو هو، يا پنهنجي مذهب جي تبليغ ڪرڻ لاءِ هت آيو هو . ممڪن آهي تہ سنڌ مان وحدت الوجود جي مسئلي کي عراق ڏانهن کڻي ويو هجي . ابو العلي کان پوءِ جيڪي بہ سنڌ جا باڪمال صوفي ٿي گذريا ، جهڙوڪ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ، شاهہ عنايت ، سچل سرمست ، بيدل بيڪس وغيره تن سڀني جي ڪلام ۾ تصوف ۽ ويدانت جي جهلڪ نظر اچي ٿي . " ( مولائي شيدائي 2006 185 186) سنڌ ۾ مشاهير ، مبلغ ، صوفي ۽ درويش هر دور ۾ پيدا ٿيندا رهيا آهن . ضروري ڪونهي تہ سڀ شاعر هجن . ڪيترائي وڏا صوفي سياسي ۽

سماجي سجاڳي پيدا ڪندڙ بہ هئا . انهن مان ڪيترن ئي ڌرتي سان وفا ڪندي شهادت جو جام پيتو انهن مان ، مخدوم بلاول ، آدم شاهہ ڪلهوڙو ، شاهہ عنايت شهيد ۽ مخدوم عبدالرحمان کهڙن وارو قابل ذڪر آهن . انهن جي سماجي سجاڳي جو اثر اسانجي سنڌي صوفي شاعرن تي رهندو آيو . شاهہ عبد اللطيف ڀٽائي ۽ روحل فقير شاهہ عنايت شهيد جي فڪر مان گهڻو متاثر هئا . مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ، خواجہ محمد زمان لنواري وارو ۽ سندس مريد مخدوم عبدالرحيم گروهڙي وري فلسفہ وحدت الشهود جا پوئلڳ هئا . انهن جي ڪري سنڌ ۾ وحدت الشهود واري فڪري ڌارا جو ذڪر ڪرڻ بہ ضروري آهي.

## 2. وحدت الشهود:

هن فڪر جو تعلق بہ تصوف سان آهي پر وحدت الشهود  حقيقت ۾ وحدت الوجود جو ضد آهي .  جيڪو وحدت الوجود وارو نظريو ابن عربي ڏنو هو ان کان لڳ ڀڳ پنج سو سال پوءِ شيخ احمد سرهندي ان جي مخالفت ۾ پنهنجو نئون نظريو ڏنو جنهن کي ان دور ۾ وڏي مقبوليت ملي . ڪن محققن انهن ۾ هڪجهڙاپن ظاهر ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون آهن ."  هن نظريي جو اڳواڻ حضرت مجدد الف ثاني شيخ احمد سرهندي ، 14 شوال 971هہ مطابق 26 جون 1564ع ۾ سرهند ۾ پيدا ٿيو . سندس اصل نالو احمد هو . لقب بدرالدين ۽ ڪنيت ابوالبرڪات ، پاڻ خليفي ٻئي حضرت عمر فاروق رضہ جي اولاد مان هئا ۽ 1034هہ ۾ وصال ڪيائين . هن' همہ از اوست ' يعني ' سڀ ڪجهہ ان کان آهي' جو نعرو بلند ڪيو . اگرچہ جملي هستي جو بنياد وجود ڪل خدا آهي ، پر پيدا ٿيڻ بعد عالم ناسوت ( مادي دنيا ) پنهنجي جدا هستي رکي ٿي ، خدا پاڪ اعليٰ ذات آهي . ان لاءِ روح سان هلڻو پوندو . ان جي مقابلي ۾ صفائي (مادو) سچ ، ڪوڙ ، ثواب ، گناهہ ، سزا ۽ جزا آهي . انسان کي گناهہ ۽ گمراهي مان ڪڍي راهہ ثواب ۽ حق جي طرف هلائڻ لاءِ ، مذهب ۽ شريعت جي قاعدن ۽ قانونن جي ضرورت آهي . " (مظهر ، عابد 2012 103)  جڏهن تہ وحدت الوجودي فڪر جو مکيہ نڪتو ' همہ اوست ' يعني ' سڀ ڪجهہ هُو آهي '  آهي . ان  فڪر جي ڪري سنڌ ۾ بہ اختلافي ماحول واري صورتحال رهي .  فلسفہ وحدت الشهود شريعت تي سختي سان عمل ڪرڻ جو درس ڏئي ٿو جڏهن تہ وحدت الوجود ۾ بہ شريعت تي عمل ڪرڻ جو حڪم آهي پر ان فڪر وارا گهٽي سختي کان ڪم نہ وٺندا آهن جنهن ڪري وحدت الشهود وارن تنگ نظري کي جنم ڏنو . جنهن ڪري خاص ڪري غير مسلمن سان سختي ڪئي ويندي هئي ان ڪري اسلام جي نرمي

واري رويي جي پيٺ ۾ سختي واري عملن کي اڳتي آندو ويو . انهن حالتن مان وقت جي حڪمرانن خاص ڪري فائدا ورتا . جنهنڪري اسلامي تبليغ کي وڏو نقصان پهتو . صوفي بزرگن وري ان تنگ نظري جي مخالفت ڪئي ۽ غير مسلمن سان سهڻي سلوڪ ڪرڻ جو درس ڏنو .ان ڪري صوفين جي محفلن ۾ بنا فرق جي سڀ ماڻهو اچڻ لڳا . سنڌ جي صوفين جا مسلمانن سان گڏ هندو به مريد ٿيندا آهن . انهن صوفين مان روحل فقير به هڪ آهي سندس ڪلام ۾ تصوف ، وحدت الوجود ۽ روادري واري فڪر جو مطالعو پيش ڪجي ٿو .

## 3. وحدت جي وائي:

روحل فقير جي سنڌي بيتن ۽ ڪافين جو بنيادي فلسفو تصوف ۽ وحدت الوجود آهي . وحدت الوجود جي فڪر هيٺ اڪثر شاعرن بيت چيا آهن . شاهه لطيف چيو ته :

پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
ته نه ڪو ڏونگر ڏيهه ۾ ، نه ڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.
(آڏواڻي، ڪلياڻ 2014 139)

روحل فقير جو به اهو ئي فڪر آهي پر ٻولي پنهنجي الڳ اٿس . شاهه لطيف پنهنجو پاڻ ۾ پيهي روح رهاڻ ڪري ٿو ته روحل فقير پنهنجو پاڻ ۾ ڏُٺي هٽي پنهنجو پاڻ ۾ مالڪ کي پسي ٿو ، پنهنجو پاڻ ۾ گم ٿي وڃي ٿو ۽ پروڙي ٿو ته مالڪ حقيقي ڪانسواءِ ڪجهه به ڪونهي . روحل فقير جو هي بيت ڏسو جنهن ۾ وحدت الوجودي فڪر آهي . فرمائي ٿو ته:

ڏُٺي ڏيئي پاڻ ۾، پسان جان پيئي،
نڪو ملڪ، نڪا خلق، نڪي اسيئي،
اسين ڳوليون جن کي ، سي پڻ اسيئي،
ٻي وائي ويئي، ’روحل‘ هونگ پرين جي هڪڙي.
(بدوي 1964 67)

سندس شاعري ۾ وحدت جي وائي جي تند تنوار آهي . جيئن ته تصوف جو بنيادي نڪتو توحيد ۽ وحدت آهي ان ڪري روحل فقير به توحيد ۽ وحدت کان ابتدا ڪري ٿو . سندس اڪثر بيت وحدت الوجود واري فڪر جا ترجمان آهن .

جي لڳو آهين تان لاءِ، هيئڙو حبيبن سين،
پائي پيچ پريت جا، سپريان ڏي ساهه،
وحدت ۾ ٿي واهه، ’روحل ‘ رتي روح جي.
(بدوي 1964 61)

روحل فقير وحدت جي واٽ جو پانڌيئڙو هو. هو ٻين کي بہ وحدت واري واٽ وٺڻ ۽ انهيءَ رمز ۾ رهڻ جي هدايت ڪري ٿو. هڪ ڪافي ۾ انهيءَ راز کي هيئن بيان ڪري ٿو:

وحدت واري واٽ ونج تون،
وٽي نہ آڻج وار،
’روحل‘ رهجان رمز انهيءَ ۾،
ٻي سڀ ڪوڙي ڪار.
(بدوي 1964 94)

روحل فقير وحدانيت ۾ واهڙ وهائي ڇڏيا آهن. هو انسانن جي نجات صرف وحدانيت ۾ سمجهي ٿو. سندس ڪلام جو جوهر ۽ بنيادي نڪتو بہ وحدانيت آهي. هو ورائي ورائي وحدانيت جي وائي ورنائي ٿو. هو فرمائي ٿو، تہ باربار اها وائي پيو ٻڌان، تہ الله سائين اکين کان بہ اوڏڙو آهي. الله سائين تہ منهنجي روح ۾ رهي ٿو ۽ مالڪ ۽ منهنجي وچ ۾ وار جيتري بہ وٿي ناهي. پاڻ فرمائي ٿو تہ هي بيت ناهن پر اهو وحدت جو ويچار آهي ۽ اسان مالڪ جا دل ۾ ديدار ڪندا ٿا رهون:

ٻُڌان جان ٻيهار، تان تون اکين کان پيي اوڏڙو
’روحل‘ وسين روح ۾، وِٿ نہ پائيان وار،
جيئن جو سچ صبوح جو، ٿو ڪري باغ بهار،
بيت نہ پائنجو ماڻهوءَ! هي وحدت جو ويچار،
دل ۾ ڪيا ديدار، عشق جنين اکين سين.
(بدوي 1964 63 64)

سچ پچ سندس سڀ بيت وحدت جو ويچار آهن. هن بيت ۾ بہ واضع وحدت جي وائي پيو ورنائي، فرمائي ٿو تہ الله جي عاشقن کي پاڻي جي اڃ ۽ ماني جي بک نہ آهي پر هو وحدت جي وصال سان تر آهن. عاشقن جو وحدت (الله) سان وصال(ميلاپ) ٿيل آهي دنيا جا ڏک ڏاکڙا هنن کان ڏور آهن اهي سدائين سکيا ستابا آهن فرمائي ٿو تہ:

جن کي عشق اندر ۾، تن کي اڃ نہ بک،

وحدت منجھ وصال جي، ٿا سدا ماڻن سک،
ڏور تنين کان ڏک، جي ’روحل‘ رتا روح ۾.
(بدوي 1964 64)

وحدت ۽ وحدت الوجود سان ئي توحيد جو نڪتو لاڳو آهي . ” فقير صاحب جي ڪلام ۾ ، اڪثريت ان فڪر ۽ اجتهاد جي آهي ، جنهن ۾ هن صوفيءَ جي مسلڪ کي نمايان طور پيش ڪيو آهي . هن توحيد جي اهم مسئلي کي وڏي اهميت ڏني آهي ، جوسندس ڪلام جو جوهر چئجي تہ بہ روا آهي . ” ( بدوي 1964 12 13) فرمائي ٿو:

سائين سڀاجهو سڀ جو آهي راهہ رفيق،
آڏو آهي عشق جو بيحد بحر عميق،
توحيدي طريق، ’روحل‘ نہ سمجهي عام ٿو.
(بدوي 1964 69)

## 4 . پاڻ سڃاڻڻ:

پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ تصوف جو هڪ اهم متو آهي . صوفين پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ تي زور ڏنو آهي . هر صوفي شاعر وٽ اهو فڪري نڪتو ڪنهن نہ ڪنهن طرح مختلف اندازن ۾ سمجهايل آهي . روحل فقير جي ڪلام جو بہ پاڻ سڃاڻڻ تي وڏو زور ڏنل آهي . پاڻ فرمائي ٿو تہ ، پاڻ سڃاڻڻ ئي حقيقت ۾ حق ۽ سچ کي سڃاڻڻ برابر آهي ۽ اها ئي قيمتي ڳالهہ آهي . وڌيڪ فرمائي ٿو تہ ، مالڪ کي هڪ ڪري مڃڻ ئي دانائي آهي ۽ دل مان ڪُپت ڪوڙ ڪوري ڪڍي ، ان مان دوئي پيجائي پوءِ دل مان مدائي جو ماڻ يعني تڪبر ۽ وڏائي کي ختم ڪرڻو آهي .وڌيڪ چوي ٿو تہ مالڪ حقيقي کي پاڻ کان دور نہ سمجهڻ گهرجي ، هو اسان سان هر وقت ,رات ڏينهن گڏ آهي . جيڪو ڏٺي کي پاڻ کان پري ٿو سمجهي اهو اڻجاڻ آهي . صوفي سڳورا قرآن شريف جي هڪ آيت جو حوالو ڏيندا آهن جنهن جو مفهوم آهي تہ ، ’ هو ( الله تعالي) اسان کي ساهہ جي نس کان بہ ويجهو آهي . ‘ هن هڪ بيت ۾ تصوف جا ڪيترائي نڪتا نروار ٿيل آهن . فرمائي ٿو تہ:

جي تون صحيح سڃاڻين پاڻ ، اٿي قيمت سندو قطرو ،
ڪوري ڪڍ قلوب مان، مدائيءَ جو ماڻ،
پري نهارڻ پر کي، سندو جٿن جاڻ،

نت سائين تو هي ساڻ، راتيان ڏينهن روحل چوي.
(بدوي 1964 61)

روحل فقير فرمائي ٿو تہ جهر جهنگ جهاڳڻ اجايو آهي . الله سائين تہ اسان جي اندر ۾ موجود آهي . هڪ ڪافي ۾ فرمائي ٿو تہ:

سڄڻ مون پاڻ پرڪيو، رهيو اندر روح،
رهيو اندر روح، سنئنيان سنجهہ صبوح.
(بدوي 1964 93)

پنهنجو پاڻ ۾ نهارڻ جي ڳالهہ شاهہ لطيف پنهنجي انداز سان ڪئي آهي، هو سالڪ کي صلاح ٿوڏئي تہ جهر جهنگ ڀٽڪڻ کان بهتر آهي تہ مالڪ کي پنهنجو پاڻ ۾ ڳولي . ٻاروچي کي مالڪ حقيقي لاءِ مستعار ڪندي چوي ٿو تہ تنهنجو دوست ڪٿي بہ لِڪو ناهي پر تنهنجي ئي اندر ۾ سندس ديرو آهي . هن بيت ۾ وحدت الوجود جو فلسفو آهي .

وڃين چو وڻڪار، هت نہ ڳولين هوت کي،
لڪو ناهي لطيف چئي، ٻاروچو ٻئي پار،
نائي نيڻ نهار، تو ۾ ديرو دوست جو.
(آڏواڻي ، ڪلياڻ ، 2014 134 )

ائين ٻين صوفين بہ پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ ۽ مالڪ کي پنهنجي ئي اندر ۾ پرکڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي روحل فقير بہ فرمائي ٿو تہ :

پنهنجون اکيون پاڻ ۾، جوڙي رکيون جن،
سي سوءُ ڀيرا ساعت ۾، ٿا پلپل پرين پسن،
تن تحصيلون تمام ڪيون، محب جني جي من،
’روحل‘ مٿون تن، لٿا حرف حساب جا.
(بدوي 1964 64)

## 5 . عشق الاهي:

روحل فقير پنهنجي ڪلام ۾ اسان کي عشق الاهي جا درس ٿو پڙهائي . تصوف جو خاص نڪتو بہ عشق الاهي آهي . هو سادگي ۽ سچ جو حمايتي آهي . هو صلاح ڏئي ٿو مَنُ (نفس)اسان کي ڀٽڪائي ٿو . عشق ۾ ملامت کان ڊڄڻو ناهي پر سچ جي سهاري پار پوڻو آهي . پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي پرواني جيان پچڻو آهي . چوتہ عشق راند ناهي جو ان

ڪي ڪي ٻيڙيرو ڪيڏن . آخر ۾ سڀ لڳ لاڳاپا لاهي پريئن جي رنگ ۾ رچڻ جي صلاح ڏئي ٿو. اهڙا اظهار ٻين سنڌي صوفين بہ ڪيا آهن پر روحل فقير جي پنهنجي ٻولي آهي. فرمائي ٿو:

صحيح سڃاڻج سچ، مڙج مَ ملامت ڪون،
گهڙي پنهنجي گهٽ ۾، پرواني جيان پچ،
ماري ڪيج من مان، ڪوڙائيءَ جو ڪچ،
رنگ پريان جي رچ، رات ڏيهان روحل چوي.
(بدوي 1964 61)

## 4. دنيا جي بي ثباتي يا فنائيت

روحل فقير جي ڪلام جو مطالعو ڪندي معلوم ٿئي ٿو تہ هو پنهنجي دور جي ادبي ڌارا  ڪان واقف هو . هن کان اڳ جيڪي موضوع شاه لطيف ، شاه عنايت رضوي ۽ لطف الله قادري وٽ آهن انهن کان بہ هو واقف نظر اچي ٿو. پر ڪنهن جي تتبع نہ ٿو ڪري بلڪ پنهنجو رستو ٺاهي اڳتي وڌي ٿو.  دنيا جي بي ثباتي جو ذڪر ان دور جي سڀني شاعرن ڪيو آهي . اهو بہ هڪ تصوف جو نڪتو آهي . روحل فقير سالڪ کي حق جي راهہ تي هلڻ جي صلاح ڏيندي، هن دنيا کي ڪوڙ قرار ڏئي ، فرمائي ٿو تہ:

جي لڳو آهين تان لڳ، پريان سندي پيچري،
من مون محبوبن جو، صحيح سڃاڻ سڳ،
ڇڏي جوٺو جڳ، وڃي روحل رچج رنگ ۾.
(بدوي 1964 61)

## 6. ظاهري ۽ باطني علم:

شاهہ لطيف وٽ عشق مجاز بہ آهي پر روحل وٽ رڳو روحانيت ئي روحانيت آهي . شاه لطيف وٽ رومانوي رنگ بہ آهي پر روحل جو رنگ رڳو يار جي رنگ ۾ رچڻ وارو رنگ آهي . هو چوي ٿو. ’رنگ پريان جي رچ ‘ . هو فقط هڪ سچي ڏٺي جي عشق جو علمبردار آهي . هن گهڻين تمثيلن جي پيٽ ۾ عام فهم اسلوب اختيار ڪيو آهي ۽ انتهائي سادگي سان عشق جا اسرار ڇپيا اٿائين . تصوف جي اسرارن کان ٻاهر نہ ٿو وڃي .

هو بي تڪلف ۽ شطحيات جي گفتن جو بہ ارتڪاب نہ ٿو ڪري. مطلب تہ سندس طرز ۽ طرح عام فهم ۽ سادي آهي. هو ظاهري علم جي ڀيٽ ۾ عشق حقيقي کي اوليت ڏئي ٿو. تصوف ۾ علم جي مقابلي ۾ عمل ۽ عشق سان تعلق رکي ٿو. ان ڪري روحل فقير سالڪ کي هدايت ڪندي فرمائي ٿو تہ ڪتابن ۽ ويدن وارا سبق ڏوراهان ڏس ڏين ٿا. عالمن علم ذريعي ڏٽي کي گهڻو دور ڄاتو آهي، حالانڪ حقيقي مالڪ صرف هڪ قدم تي آهي. اهو قدم آهي رڳو پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائڻ. مالڪ هر ڪنهن جي اندر ۾ موجود آهي. پري ڪونهي، فرمائي ٿو:

پڙهيا بيد ڪتيب جا، تا ڏين ڏوراهان ڏسُ،
سي سچ سڃاڻن ڪينڪي، موهيا پسي مُسُ،
رات ڏينهان 'روحل' چوي، رڙهي تنهن کي رسُ،
پيِر پريان جو پُسُ، نائي ڪنڌ قلوب ۾.
(بدوي 1964 62)

روحل فقير دنياوي ۽ ظاهري علم تي تنقيد ڪئي آهي. هو ان علم جو علمبردار آهي جيڪو مالڪ سان ملائي. هو ان علم، عقل يا فهم جو قائل آهي جيڪو عاشقن وٽ آهي. اهو علم وحدت واري واٽ آهي. جيڪو علم مالڪ سان نہ ملائي اهو ڪهڙي ڪم جو. ڪتابن جو علم رڳو پڙهي حاصل ڪري سگهجي ٿو پر عشق لاءِ پرجهڻ شرط آهي انڪري صوفي پڙهڻ سان گڏ ڪڙهڻ واري علم جا قائل هوندا آهن. روحل فقير جون بہ مکيہ ڳالهيون آهن هڪ سچ ۽ ٻيو ڪوڙ. سچ وحدت واري واٽ آهي ۽ ڪوڙ دوئي يا ٻيائي ۽ دوکي جي ديوار آهي. رات کي مستعار ٿو ڪري ناڪامي سان. فرمائي ٿو:

پڙهڻ پرجهڻ پاڻ ۾، وڏو فرق ڦير،
ڪاڏي منهن محبوب جو ڪاڏي اکر اير،
ساڻ سهائي سچ جي، ڇا موافق ٿيندو مير،
جن صحيح سڃاتو پير، 'روحل' رات نہ تن کي.
(بدوي 1964 62)

علم ۽ عقل کي عشق جو دشمن سمجهيو ويندو آهي پر روحل فقير علم وارن عالمن کي بہ عاشقن ۾ شامل ڪري ٿو. هو فرمائي ٿو تہ اصل علم وارا عاشق بہ آهن ۽ عقل وارا بہ اهي ئي آهن، جيڪي يار جي حقيقت کي ڄاڻن سڃاڻن ٿا باقي سڀ بي عقل ۽ جاهل آهن.

جيڪي حقيقي مالڪ جي محبت ۾ محو آهن اهي پرين پسن ٿا . اهي ئي حساب ڪتاب ڏيڻ کان آجا هوندا . فرمائي ٿو:

پڙهي پـُرڏو جن، سي عاقل عقل جا ڏٽي،
سي 'موتوا' تي محبت ۾، پلپل پرين پسن،
تن تسليون تمام ڪيون، محب جني جي من،
'روحل' مٿان تن، لٿا حرف حساب جا.
(بدوي 1964 62)

## 5. انسان دوستي / مذهبي هم آهنگي

صوفين وٽ انسان دوستي ۽ مذهبي هم آهنگي اهم نڪتو آهي . تاريخي اعتبار کان مطالعو ڪندي معلوم ٿئي ٿو تہ مذهبي نفرت سنڌ ۽ هندستان جو قديم مسئلو رهيو آهي .ذات پات ۽ فِرقن جي ڪري جنگيون لڳنديون رهيون آهن . ڪيترائي انسان بي موت ماريا ويا آهن . روحل فقير کان بہ اڳ ڀڳت ڪبير اهڙن خيالن جو اظهار ڪيو آهي . امن ۽ محبت وارو ماحول هر انسان جي خواهش هوندي آهي . ڀڳت ڪبير بہ امن ۽ پيار جو پيغام ڏنو ۽ مذهبي متڀيد جي مخالفت ڪئي . سندس شعر ۾ اهڙو پيغام عيان آهي . روحل فقير تي ڀڳت ڪبير جو وڏو اثر هو . ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌ ۾ انتها پسندي جا اهڃاڻ ملن ٿا . هندن کي زوري مسلمان ڪرڻ وارن واقعن جو سلسلو تاريخ جي ڪتابن ۾ لکيل آهي . روحل فقير ان مسئلي تي ڪافي سنجيده هو ۽ ان عمل جي نندا ڪندي نظر اچي ٿو. سنڌ ۾ ان مسئلي تي جهڙيءَ طرح روحل فقير کُلي لکيو آهي اهڙي نموني ڪنهن نہ لکيو آهي . سندس هڪ جڳ مشهور بيت ان نفرت جي خلاف هڪ علامت بڻيل آهي . روحل فقير جو اهو بيت حقيقت ۾ هندو مسلم اتحاد جو درس ڏئي ٿو ۽ مذهب جي بنياد تي نفرت ڪرڻ جي خلاف زبردست آواز آهي . هن وقت بہ پاڪستان ۽ هندستان جي وچ ۾ نفرت واري صورتحال موجود آهي . جنهن ڪري ايٽمي جنگ جو خطرو موجود آهي جيڪو نقصان آخرڪار عام انساني زندگين جو ٿيندو . ان نفرت کي ختم ڪرڻ جو صوفين وٽ مفصل پروگرام موجود آهي . اسان کي گهرجي تہ روحل فقير ۽ ٻين سنڌ توڙي هندستان جي صوفين جي ڪلام مان پيار ۽ محبت وارن فڪرن مان استفادو حاصل ڪيون ۽ مذهبن جي بنياد تي نفرتن جي مخالفت ڪيون . روحل فقير ان فڪر جي اڳواٽي ڪندي فرمائي ٿو تہ هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ جيڪو نفرت ۽ وير وجهڻ وارو

رويو آهي اهو انسانيت جي خلاف آهي . اهي بنياد پرست عقل کان عاري آهن . انهن کي حق سچ ڪير چوندو ؟ حق اهو آهي تہ سڀ مخلوق الله جي آهي ۽ هر ڪنهن ۾ الله وسي ٿو . صوفين جو هڪ اصول صلح ڪل وارو بہ آهي ، هو دنيا کي پيار ۽ محبت جو پيغام ڏيندڙ آهن . روحل فقير بہ ان روح وارو صوفي آهي . فرمائي ٿو:

ڪفر ۽ اسلام ۾، ٿا پرن ابتا پير،
هڪ هندو ٻيا مسلمان، ٿيون وچ وڏائون وير،
انڌن اوندهہ نہ لهي، تن کي سچ چوندو ڪير،
پر ’روحل‘ راهہ پرين جو جان گهڙي ڏنوسين گهيڙ،
تہ رب مڙني ۾ هيڪڙو جنهن ۾ ڦند نہ ڦير،
سا ڪاڏي ڪندي پير ، جا ستي ڪعبت الله ۾،
(بدوي 1964 64)

ان فڪر جو اثر ٻين صوفين ۽ شاعرن تي بہ پيو. خاص ڪري دلپت جو هي بيت بہ مشهور ٿيو:

چاڪي وڏو پاڻ ۾، ترڪن واڻين وير،
جي پپر ۾ پاڻ ڏٺي، تہ ڪرڙ ۾ ڪير،
ڪک پن ۾ پڌرو آهي، پرين سندو پير،
انڌا ڪاڻا ڪينڪي، لهن هن پوڻ جو پير،
ڪو سجو پسي سير، ’دلپت‘ چوي دوست جو،
(شوق 2001 13)

هن سلسلي جا بيت ٻين شاعرن بہ چيا آهن جن ۾ مذهبن جي نالي تي منجهائڻ يا نفرت پکيڙڻ ، مذهبي ڪٽرپڻي ۽ تنگ نظري رکندڙ مذهبي اجارادارن کي ڪافي تنقيد نشانو بڻايو ويو آهي . ان باري ۾ هڪ ٻيو بيت دلپت صوفي چيو آهي . جنهن ۾ مذهبن جي مثبت نڪتن کي ظاهر ڪيو ويو آهي ۽ سڀني مذهبن مان محبت ۽ اتحاد واري نڪتي کي سمجهڻ جي تاڪيد ڪيل آهي. مسجد ۽ مندر ۾ هڪ ڏيئي جي ٻرڻ جو جاندار استعارو استعمال ڪيو ويو آهي جيئن روحل فقير ڪعبت الله جي اندر ڪنهن بہ طرف جو ڪو بہ فرق نہ هئڻ جو استعارو استعمال ڪيو آهي. فرمائي ٿو:

پپر ۾ پرميشور، تان ٻير ۾ ٻيو،
جي اسلام ٿيو الله جو تہ ڪفر ڪنهن ڪيو،
جي ڪعبي خانو خدا جو تان ڪو ديول ڏوهہ ڪيو،

مڙهيءَ مسجد ۾ روشن هڪ ڏيئو
دلپت ڪيئن پيو خلل اچي خلق ۾
(راموا ٽي وندنا 2010 57)

## 6. جوڳي ۽ سنياسي

جوڳ (يوگ)واري فڪري لاڙي جو سنڌي شاعري سان لاڳاپو نهايت قديم آهي . دراصل هي موضوع هندستاني قديم شاعري جو موضوع آهي . جيئن تہ سنڌي شاعري تي هندي شاعري جو فن سان گڏ فڪري اعتبار کان بہ وڏو اثر رهيو آهي . انهن مان جوڳ واري فڪري ڌارا بہ اهم آهي . هن فڪري ڌارا جو اسرڻ خود هندو مذهب مان ٿيو هو . ” جڏهن مسلمانن ملڪ فتح ڪيو ، ۽ جنگيون ۽ مقابلا ختم ٿي ويا ، تہ ڪن هندو تارڪن ترڪ دنيا ، تپسيا ۽ 'يوگ ' يعني زهد جي تلقين ڏيڻ شروع ڪئي ، ۽ اهڙي طرح ' جوڳ (يوگ ) جي شاعريءَ ' وارو دور شروع ٿيو . ” (بلوچ نبي بخش 2014 30) جوڳ يا يوگ جي تخيل جو تعلق بہ هڪ قديم فڪري تحريڪ سان آهي . ” جوڳي پنٿ جا مشهور درويش ، جوڳي پنٿ جو باني مباني بابا مڇندرناٿ چيو وڃي ٿو جو آسام جو رهاڪو هو . هن جهوني جوڳي ، قديم فلسفي پتنجلي جي تعليمات ۽ اصولن ۾ نئين تبديلي آڻي' هٺ يوگين ' جي نئين جماعت جو بنياد وڌو . هن کان اڳ جوڳين جي فرقہ جي زبان سنسڪرت يا پالي هئي ، مگر هاڻي سندن عام زبان هندي بڻي . سنہ 1200ع ڌاري بابا مڇندر ناٿ جي خاص چيلي گورک ناٿ پنهنجي گروءَ جي وقت ۾ ئي شهرت حاصل ڪئي . گورک ناٿ جي تصنيفن کي ڪن محققن ' اپڀرنش ' جو نمونو قرار ڏنو آهي ، ۽ ياد رهي تہ سنڌي ٻولي جي شروعات پڻ اپڀرنش مان آهي .“ ( بلوچ ، نبي بخش 2014 30 31) صوفين ۽ جوڳين يا هٺ يوڳين ۾ ڪي قدر فڪري هڪجهڙائيون هئيون . جهڙوڪ ، وحدانيت ، دنيا کي تياڳ ڏيڻ ، تپسيا ، زهد ۽ پرهيزگاري ،مرشد ۽ مريد ( گرو چيلو) وغيره . ” 'هٺ يوگي' عقيدتن موحد هئا . مگر هنن خداڪي انساني صفات سان موصوف ڪيو هو . صوفين ۽ هٺ يوگين ۾ ترڪ ۽ تجريد جا اصول قدري مشترڪ هئا ، مگر اصولي فرق هي هو تہ تصوف زياده تر روح ۽ دماغ جو عمل هو ۽ ان جي برعڪس ' جوڳ' زياده تر جسم جو عمل ، ۽ انهيءَ ڪري ئي جيئن پوءِ تيئن جوڳين جو سڄو علم ۽ عمل صرف جسمي ڪاوشن ، جڙين ٻوٽين ۽ منترن تائين محدود رهجي ويو . ” ( بلوچ ، نبي بخش 2014 31 32) سنڌي اساسي شاعري جو مطالعو ڪندي معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌي شاعري ۾ فڪري لحاظ کان

جوڳين ۽ سنياسين جو تمثيلي ذڪر سچي عاشق ۽ صوفي جي استعاري طور ٿيندو رهيو آهي . ان جي ابتدا سڀ کان اول قاضي قاضن جي ڪلام ۾ ملي ٿي ، جنهن جوڳي کي مرشد جي تمثيل طور استعمال ڪيو . ان کان پوءِ لطف الله قادري جي ڪلام ۾ جوڳي عاشقن جي استعاري طور استعمال ٿيو . شاهه عنايت رضوي ۽ شاهه لطيف به جوڳين ۽ سنياسين جو ذڪر ڪيو آهي . شاهه لطيف ته جوڳين سان سالن جا سال گڏ رهيو ۽ انهن سان گڏجي سير سفر به ڪندو رهيو . سندس رسالي ۾ جوڳين متعلق الڳ سان سر موجود آهي . روحل فقير به پورب پار کان متاثر نظر اچي ٿو . حقيقت ۾ جوڳي پاڻ کي فنا ڪن ٿا ، پنهنجي خودي کي به ختم ڪن ٿا ته پنهنجو نالو به بدلائن ٿا ، پنهنجي سڃاڻپ به ختم ڪن ٿا ۽ ٻيا دنيا جا ساٿ سنگ يا رشتا ناتا به ترڪ ڪن ٿا يا ڪٽي ائين چئجي ته دنيا کي ترڪ ڪن ٿا ، ان ڪري ئي اسان جا سنڌي صوفي شاعر انهن کان متاثر نظر اچن ٿا . صوفي به چاهن ٿا ته خدا تعالي جي عشق ۾ ائين محو ٿجي جيئن جوڳي پنهنجو سڀ ڪجهه ڇڏي جوڳ اختيار ڪن ٿا . هن بيت ۾ روحل فقير به سندن اهڙي ريت جي ڳالهه ڪئي آهي .

جي ننگ ڇڏي نانگا ٿيا، تن نانگن ڪهڙا ننگ،
گنگا ۽ گرنار جا، تن سامين ڇڏيا سنگ،
نڪي واهن سڱيون، نه ڪي چورن چنگ،
'روحل' لڳو رنگ ،تن لاهوتين لقاءَ جو،
(بدوي 1964 64)

روحل فقير ، جوڳين کي عشق الهي جي عاشقن جي روپ ۾ ڏٺو آهي . هو جوڳين جي روحاني فڪر جو ترجمان آهي ، جو ته " جوڳي مورتي پوڄا جا مخالف هئا . ظاهري رسمن ۽ تيرٿ کي برو سمجهندا هئا . هو وحدانيت جا قائل هئا ۽ نفس جي معرفت کي سڀ کان وڏو درجو ڏيندا هئا . " ( جالبي 2007 9 ) ان ڪري روحل فقير ان فڪر جي پسمنظر ۾ علامتي طور تي اسلامي تصوف جي رنگ کي شاعراڻو ويس پارائي سچن عاشقن جي ڪِرت بيان ڪئي آهي . هيٺ ڏنل بيت ۾ وحدت الوجودي نظريو جوڳين ، سنياسين ، گودڙين ، لاهوتين ۽ ڪاهوڙين وغيره جهڙن ڪردارن وسيلي بيان ڪيو ويو آهي . روحل فقير فرمائي ٿو ته جيڪي گودڙيا تن ( اندر ) ۾ تيرٿ ڪن ٿا انهن کي گنگا وڃڻ جي ضرورت نه آهي مطلب ته هن ست ۾ ظاهري رسمن جو انڪار ٿيل آهي:

جي تن ۾ تيرٿ ڪن، سي گنگا وڃن نه گودڙيا،

تن سامين سندي سڪ جا، ٿا دوهان دل دکن،
پير سجاتو پر جو، لوڇي لاهوتين،
لڳو رنگ ’روحل ‘چوي، اندر آديسين،
ڪوجي ڪاهوڙين، وجي اونهي ۾ آسڻ ڪيا.
(بدوي 1964 65)

روحل فقير هنن جوڳين جي اٽانگي سفر جو قصو بيان ڪيو آهي . حقيقي منزل تي پهچڻ لاءِ جوڳي جيڪي ڪشالا ڪن ٿا ۽ پوءِ حق سان حق ٿين ٿا تن جو پورو تيرٿ ٻڌائي ٿو. ان منزل جو مشاهدو ماڻن ٿا جيڪو انهن جي منزل مقصود هئي . اهي ان اعلي مقام تي پهچن ٿا جتي نور آهي . اهي جوڳي(عاشق) نوري آهن ۽ نور سان گڏجن ٿا .

اونهي ۾ آسڻ ڪري ، وجي ماڳ لڏائون مور ،
تن تي جا انئي پهر اڪنڊ ۾ ، ٿا ڪن تنوارون طور ،
اُت’روحل‘رات نہ ڏينهن ڪو ، نہ ڪو سس نہ سور ،
وجي نوري گڏيا نور . لنگهي پيا لاهوت ڪان . (بدوي 1964 65)

## 7 . ضرب المثل ڪلام

سنڌي شاعري ۾ ڪيترو ئي ڪلام زماني جي وهنوار ۽ تجربي کي ظاهر ڪندڙ بہ آهي . اڪثر شاعرن اهڙا بيت چيا آهن . روحل فقير جي ڪلام جو مطالعو ڪندي معلوم ٿئي ٿو تہ سندس ڪلام ۾ ڪي اهڙا نڪتا بہ آهن جيڪي معاشرتي زندگي ۾ مثال طور استعمال ٿي سگهن ٿا . انهن ۾ زماني جو آزمودو ڪارفرما آهي . هن بيت ۾ ڪنهن بہ ماڻهو جي رهڻي ڪهڻي مان سندس ذات ظاهر ٿيڻ جو اشارو ملي ٿو . فرمئي ٿو تہ:

ڪهڻي تان هر ڪو ڪهي، پر رهڻي اوکي بات،
پڌري ٿيندي ذات، رهڻيءَ مان ’روحل‘ چوي،
(بدوي 1964 67)

## 8 . عبده واري فڪر جي اپٽار

” ’عبده‘ جي فهم ۽ ادراڪ جي اعلي مقام کي علامہ اقبال خوديءَ سان تعبير ٿو ڪري . سنڌ جو صوفي اڳيئي ان کان پوريءَ ريت واقف آهي . روحل فقير فرمائي ٿو:

وڻج وهائڻ ڪاڻ، چو وجين ٻئي هٽ،
توکي پٽ پٽيهر پانهنجو اٿئي وڻج مڙوئي وٽ،
جنهن ۾ نشو نيهن جو سا ڪا ڪوني پٽ،
’روحل‘ محبت مور نہ مٽ، توکي سڪ مان ٿيندو سوجهرو.“
(بدوي 1964 15)

## 9. جودم غافل سو دم ڪافر

صوفين جا گهڻائي فڪري نڪتا آهن . انهن مان هڪ اهو بہ آهي تہ هٿ ها ج ڏي دل يار ڏي . هڪ صوفي چيو ’دل ڏجي دوست کي لڳ ڏجن لوڪ‘ يا ننڊ ۽ جاڳ ۾ هڪ مالڪ جي تند تنوار هجي . شاھ لطيف چيو تہ تن تسبيح من من مڻيو، دل دنبورو جن يا صوفين چيو جو دم غافل سو دم ڪافر يعني الله جو عاشق ننڊ ۾ جاڳ ۾ هر صورت ۾ هر وقت هر جاءِ مالڪ سان گڏ آهي . روحل فقير فرمائي ٿو تہ روئڻ ، کلڻ ، سمهڻ ، جاڳڻ ۽ ذڪر زباني ڪرڻ ۾ ڪوبہ فائدو ڪونهي پر مالڪ کي پنهنجو پاڻ ارپڻ ئي حقيقي محبت آهي . فرمائي ٿو:

نڪا سڪ سمهڻ ۾، نڪو جاڳڻ ۾ جس،
نڪي خير کلڻ ۾، نہ ڪي روئڻ ۾ رس،
ذاتي ذڪر زباني اهو بہ اوري ڏس،
من جو مرشد پس، تہ ’روحل‘ ملين روح الله سان.
(بدوي 1964 67)

اهي عاشق ڪنهن فرض جي وقت جا پابند ناهن هوندا نہ ئي انهن کان ڪا قضا ٿيندي آهي . انهن جي نماز قلب ۾ ۽ طواف تن ۾ هلندو رهندو آهي . اهي هر وقت مالڪ جي حضور ۾ حاضر هوندا آهن . اهي هر دم حج واري حالت ۾ هوندا آهن . فرمائي ٿو:

عاشق الاهي اُيا، جي قضا ڪين ڪرين،
نائي ڪنڌ قلوب تان، نمازون نيتين،
ڏين طوافون تن کي، مڪو ئي منجهين،
’روحل‘ روح سندين، هر دم هوندو حج ۾.
(بدوي 1964 68)

اھڙن ئي الله وارن سچن عاشقن جي نور جو نَونشانيون روحل فقير ٻڌايون آھن. پھريون تہ اھي واٽن تي ويھندا آھن يعني ديوانگي واري حالت ۾ ھوندا آھن . ٻيو تہ ڪاڏو ھنن ڪي ياد ڪونہ ھوندو آھي .ٽيون تہ عاشقن ۾ نِوڙت ھوندي آھي ۽ ھو مغرور نہ ھوندا آھن . چوٿون تہ ھو غير ضروري ڳالھائيندا ڪونہ آھن . پنجون تہ پنھنجي پرين سان پڪو پيار ڪندا آھن . ڇھون تہ ھو ناتو نڀائيندا آھن . ستون سڄڻ جي سڪ ۽ حب ۾ محو ھوندا آھن . اٺين نشاني عاشقن جي اھا آھي تہ ھو پنھنجي پرين جو ڳالھيون ڪندا رھندا آھن ۽ نائين نشاني اھا آھي تہ ھو ننڊ ناھن ڪندا ڇو تہ ننڊ غفلت جي نشاني آھي . انھن سيني نشانين جي ڪري اھي عاشق ڪامياب ٿيندا آھن ۽ پنھنجي پرين جي اڳيان سرخرو ٿيندا آھن . فرمائي ٿو تہ:

نَو نشانيون نور جون، عاشقن آھين،
ھڪڙي ويھن واٽن تي، ٻيو ڪائڻ نہ ڪائين،
ٽيون سر سڀ ڪنھن اڳيان، ٿا نميو نمائين،
چوٿون ٻڌي ڪنن سان، وري نہ ورجائين،
پنجون پھہ پرينءَ سان، ٿا پڪو پچائين،
ڇھون ڪچن ڪينڪي، ناتو نڀائين،
ستون سڪ سڄڻ جي، ٿا لنؤ لنؤلڳائين،
اٺون ڳالھہ عجيب جي، ٿا واري ورجائين،
نائون ننڊ نيٹن ڪي، ٿا جودؤن جاڳائين،
تڏھن سيبائين، روحل دوساٽي درٻار ۾.
(بدوي 1964 67)

## حوالا:


1. بدوي، لطف الله ."ڪنڊڙيءَ وارن جو ڪلام". حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ، 1964.
2. راموٽي، وندنا اشوڪ. "سچا سامين پنڌ" . ڪنڌڪوٽ: روشن راھہ، 2010.
3. شوق، نوازعلي. "ڪنڊڙيءَ جو ڪلتار صوفي روحل فقير". سکر: ھسٽاريڪل سوسائٽي،2001.
4. آڏواٽي، ڪلياڻ. "شاھہ جو رسالو". ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي، 2016.

5. عابد، مظهر. ”شاهہ عبداللطيف جي دؤر ۾ تصوف جا سلسلا“ ڪراچي: ثقافت کاتو حڪومت سنڌ 2012 .
6. ميمڻ، عبدالمجيد. ”سنڌي ادب ۾ ثقافت تي اسلامي اثرات“. شڪارپور: مهراڻ اڪيڊمي، 2002.
7. مولائي شيدائي، رحيم داد. ”جنت السنڌ“ . ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي، 2006 .
8. بلوچ، نبي بخش.“سنڌي ۾ هندي شاعري جو لاڳاپو“. ڪراچي: ثقافت کاتو سنڌ، 2014.
9. جالبی، جمیل۔“تاریخ اردو ادب” ( جلد اول) ۔لاہور: مجلس ترقی ادب، 2007.